
# دعوت اسلامي

# فيضان اولياء آهي

**31-August-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

31 آگسٽ 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو
بيان

# دعوت اسلامي فيضان اولياء آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... داتا حضور رَحۡمَةُاللهِ عَلَیۡه روحاني مدد فرمائي....؟

✿... داتا حضور رَحۡمَةُاللهِ عَلَیۡه جو مختصر تعارف

✿... دعوت اسلامي تي اولياءِ ڪرام جو ڪرم

✿...ڦوڪن سان هي چراغ وسائي نٿو سگهجي

✿... دعوت اسلامي ۾ اولياءِ ڪرام جو نقش سيرت.

پيشڪش

اَلۡمَدِیۡنَةُ الۡعِلۡمِیۃ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّى اللہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہ عَنْہ اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّى اللہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلام مون وٽ آيو ۽ ان عرض ڪيو: اي محمد صَلَّى اللہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، اللّٰه پاڪ ان جي نامہءِ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[(2)]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] حلية الاولياء ،جلد:1،صفحہ:120

[2] …حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيترو دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس گهُورڻ، جهڻڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روحاني مدد فرمائي..!

حضور خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ملڪ عزيز پاڪستان جي مشهور و معروف هستي آهن، سرگوڌا(پنجاب، پاڪستان) جي ويجهو هڪ علائقي جا رهائشي هئا، تمام وڏا عالم دين، باعمل عاشق رسول، متقي، پرهيزگار ۽ پير ڪامل هئا.

هونئن تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي طبيعت، انداز، اخلاق گهڻي حد تائين ملندڙ ٿي هوندا آهن پر هي عجيب اتفاق آهي تہ خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال 1981 ۾ ٿيو، بلڪل انهي سال شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيه دعوت اسلامي جو باقاعده آغاز

[1] بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

فرمايو، ڇڻ تہ هڪ سج دنيا ۾ لهي ويو تہ انهي وقت ٻيو سج روشني وکيريندي ظاهر ٿي ويو. خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ خدمتِ دين جي لاءِ پنهنجو تن، من، ڌن سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ وارا هئا. الحمدلله! امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ڪيئي قربانيون ڏئي ڪري سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪيو، خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو مشڪل ۾ ڦاٿل مسلمانن جي مدد جي لاءِ سڄو مال، ايستائين جو پنهنجي گهر واريءَ جا زيور بہ پيش ڪري ڇڏيا هئا. الحمدلله! شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه بہ ڪيئي ڀيرا پنهنجي ضرورتن کي قربان ڪري مسلمانن جي خدمت ڪندا رهيا آهن. ماضي قريب ۾ جڏهن پاڪستان ۾ مهانگائي زور پڪڙيو تہ امير اهل سنت اجيرن جون پگهارون وڌائڻ جي لاءِ پنهنجي حج ۽ سفرِ مدينہ جي ٽڪيٽ ڪينسل ڪرائي اها سڄي رقم اجيرن جي پگهارن جي لاءِ پيش ڪري ڇڏي. خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتن کي ساراهيو ويو، تہ ٻي طرف امير اهل سنت جي ديني ۽ ملي ۽ فلاحي خدمتن کي بہ سرهايو پيو وڃي. مطلب تہ انهن ٻنهي نيڪ هستين ۾ ڪيئي طرح سان مناسبت ڏسڻ ۾ ملي ٿي.

خير! هي تہ هڪ ضمني ڳالھ هئي، اصل ۾ حضور داتا گنج شڪر علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ڪرامت ٻڌائڻي آهي. جيئن تہ خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيرو داتا حضور دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي دربار سان متصل مسجد ۾ ويٺا هئا، ساڻ ڪيئي مريد ۽ مُحبت ڪرڻ وارا بہ حاضر هئا. ايتري ۾ هڪ غير مسلم اُتي آيو، ماڻهن خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٻڌايو ويو تہ حضور! هي غير مسلمن جو وڏو عالم آهي، عاشقانِ رسول عالمن سڳورن کان هرويرو بحث ڪري تنگ ڪندو رهندو آهي. اصل ۾ هي شخص خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بہ تنگ ڪرڻ جي ارادي سان آيو هيو، جيئن تہ ان هڪ سوال پڇيو، چوڻ لڳو: اوهان مسلمان مسجد جي ديوارن تي

هڪ شعر لکندا آهيو:

چراغ و مسجد و محراب و منبر | ابو بکر و عمر، عثمان و حیدر

يعني ابوبڪر صديق، عمر فاروق، عثمانِ غني، علي المرتضيٰ (اسلام جا اولين خليفہ رَضِیَ اللہُ عَنْھُم) ڏيئي جيان روشني ورهائڻ وارا، مسجد جيان عزّت ۽ شان وارا ۽ محراب ۽ منبر جا حقيقي وارث آهن.

غير مسلم پڇيو: اوهان مسجد جي ديوار تي هي شعر ڇو لکندا آهيو؟ خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ فرمايو: انهي ڪري تہ جيئن جڏهن بہ ڪو شخص مسجد ۾ اچي تہ ان کي خبر پئي تہ هي مسجد عاشقانِ رسول، عاشقانِ اهل بيت ۽ عاشقانِ صحابہ جي بڻايل آهي. هي جواب ٻڌي ڪري ان غير مسلم چيو: اوهان مسلمان آهيو، حضرت محمد(صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) کي پنهنجو نبي مڃو ٿا، پوءِ اوهان کي گهرجي تہ صرف ان جون تعريفون ڪيو، اوهان کي گهرجي تہ روشني ورهائڻ وارو ڏيئو، مسجد جهڙي شان ۽ عزت، محراب و منبر جو حقيقي مالڪ صرف محمد(صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) کي ئي مڃو پر اوهان هي شان محمد صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بجائي ڪنهن ٻئي جي لاءِ مڃو ٿا، لھٰذا توهان صحابہ جي لاءِ مڃي ڪري محمد صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾ ڪمي ڪيو ٿا، حالانڪ هو توهان جو نبي آهي.

خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ ان اعتراض جا ڪيئي جواب ڏنا پر اهو بدبخت ايترو تہ ضدي هيو جو مڃڻ جي لاءِ تيار ئي نہ پيو ٿي (هاڻي ظاهر آهي اُتي ٻيا ماڻهو بہ موجود هيا، جيڪڏهن ان غير مسلم کي مطمئن نہ ڪيو وڃي ها تہ ٻين جي دلين ۾ وسوسو پيدا ٿي سگهيو ٿي) جيئن تہ خواجہ قمرالدين سيالوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: مان سوچي رهيو هيس تہ ان کي مطمئن ڪيان تہ ڪيئن ڪيان؟ اجا ناهي سوچ ۾ هيس تہ داتا حضور رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ ڪرم فرمايو،

سندن روضي پُرنور مان هڪ نوراني شعاع بلند ٿي ۽ اچي ڪري منهنجي سيني ۾ لهي وئي، اُنهي وقت داتا حضور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي فيضان سان مون ڪي هن اعتراض جو جواب ملي سمجهه ۾ اچي ويو، مان ان غير مسلم کي چيو: اي شخص ٻڌ! اسان جيڪو چوندا آهيو:

| | |
|---|---|
| چراغ و مسجد و محراب و منبر | ابو بکر و عمر، عثمان و حیدر |

هن جو حقيقي مطلب هي ٻڌجي ٿو ته اسان جا آقا و مولىٰ، محمد مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهڙا ته شان وارا آهن جو پاڻ پنهنجي نُبوت جي نگاهه سان ڪنهن کي ڏيئي جيان روشني ڏيڻ وارو ٻڌائي ڇڏيو، ڪنهن کي مسجد جهڙي شان ۽ عزت عطا فرمائي ڇڏي، ڪنهن کي محراب و منبر جو مالڪ ٻڌائي ڪري قيامت تائين جي لاءِ امام، پيشواء ۽ رهنماء ٻڌائي ڇڏيو. لهٰذا هن شعر جي اندر حضرت ابوبڪر، حضرت عمرفاروق، حضرت عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي ته شان آهي ئي آهي، ان سان گڏوگڏ هن ڳالهه جو به بيان آهي ته

| | |
|---|---|
| دامنِ مصطفےٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا | جس کے حُضُور ہو گئے، اس کا زمانہ ہو گیا |

لهٰذا شعر ظاهر ۾ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي شان ۾ آهي پر اصل ۾ مصطفىٰ جان رحمت جي عظمت ۽ شان کي بيان ڪري رهيو آهي. بس هي جواب ٻڌڻو هيو ته اهو غيرمسلم يڪدم زمين تي ڪريو، ان جي پڳ مٿي تان لهي وئي، ان پاڻ کي سنڀاليندي چيو: جيڪو جواب اڄ اوهان ڏنو آهي، هي جواب اڄ تائين مون کي ڪنهن به نه ڏنو هيو.[1]

## هر صحابي نبي! جنتي! جنتي!

الله! الله! اي عاشقانِ صحابه و اهل بيت! ٿورو غور ڪيو! اولياءِ ڪرام کي صحابہ ڪرام سان ڪيتري محبت آهي، حضور داتا گنج بخش علي هجويري

[1] نامِ محمد کے میں قربان ،صفحہ:44- 45 بتغير قليل

رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه چوٿين صدي هجري جا بُزرگ آهن، خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه پوئين صدي جا بُزرگ آهن، يعني وچ ۾ تقريباً 9 صدين جو فاصلو آهي، انهن 9 صدين کان پوءِ خواجہ قَمَرُالدّين سيالوي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه داتا حضور رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي بارگاھ ۾ حاضر آهن، هڪ غير مسلم اچي ٿو، صحابہ ڪرام جي شان تي اعتراض ڪري ٿو، حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن دنيا ۾ هئا، ان وقت تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي شان ۽ عظمت بيان ڪندا ئي هئا پر قربان وڃون! پاڻ وصال کان صدين پوءِ جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي شان تي اعتراض ٿيو تہ مزار پاڪ ۾ هوندي بہ ڪين اها ڳالھ گوارا نہ ٿي ۽ پاڻ پنهنجي روحاني فيضان سان صحابہ ڪرام جي شان جو اظهار فرمايو.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي فيضان اولياء آهي، فيضان داتا آهي، اللہ پاڪ جي فضل سان، ان جي عطا سان داتا حضور دنيا مان پردو فرمائڻ کان بعد بہ پنهنجي روحاني فيضان سان جن صحابہ جي شان جو اظهار فرمايو اڄ دعوت اسلامي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جي محبت گهوٽي پياري ٿي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هي دعوت اسلامي جو فيضان جو هر ٻار جي زبان تي هي نعرو گونجهي رهيو آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِٔ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی! | جنّتی جنّتی |
| اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | ہیں حسن حسین بھی! | جنّتی جنّتی |
| والِدَینِ نبی! | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی جنّتی |
| اور ابوسُفیان بھی! | جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! | جنّتی جنّتی[1] |

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:53.

# حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَۃُاللہِ عَلَیہ جو مختصر تعارف

❁ داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ اٽڪل 400 هجري تي دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا ❁ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ جو نالو مبارڪ: عَلي ۽ والد صاحب جو نالو: عثمان آهي ❁ داتا حُضُو رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ افغانستان جي علائقي غزني جا رهاڪو هئا، غزني جو هڪ پاڙو آهي جنهن کي هجوير سڏين ٿا. داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ ان پاڙي ۾ رهندا هئا، انهيءَ نسبت سان هجويري مشهور ٿيا ❁ پاڻ نَجِيبُ الطَّرَفين يعني حسني، حسيني سيّد آهن ❁ شروع کان ئي وڏا نيڪ پارسا، عبادت ڪرڻ وارا ۽ علمِ دين جو تمام گهڻو شوق رکڻ وارا هئا ❁ داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ علمِ دين سکڻ جي لاءِ عراق، شام، لبنان، آذر بائيجان، خراسان ۽ تُرڪستان وغيره ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو، ان وقت جي وڏن وڏن عالمن ۽ صوفياءِ ڪرام کان علمِ دين سکيائون ❁ تقريباً 34 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پير صاحب شيخ ابو الحسن خُتَّلي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ جي حڪم سان لاهور تشريف ڪٺي آيا ❁ اتي نيڪي جي دعوت کي عام ڪيائون، اسلام جو پيغام وڏايائون، ماڻهن کي قرآن ۽ سنّت جي تعليم ڏنائون، پنهنجي اخلاق، ڪردار سان، ڪڏهن بيانات فرمائي ڪري، ڪڏهن ڪرامات ڏيکاري ڪري بيشمار ڪافرن کي مسلمان ڪيائون، جيڪي پهريان کان مسلمان هئا، انهن کي سنّتن جو پيڪر بڻايائون، ڪيترائي عالم ناهيائين، ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي تربيت ۾ رکي ڪري ولايت جي بلند مقامات تائين پهچايائون ❁ اٽڪل 30 سالن جي عرصي ۾ پاڻ برِّصغير ۾ هڪ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ❁ مضبوط قول جي مطابق پاڻ 465 سن هجري تي هن دنيا مان پردو فرمايو ❁ سندن مزار مبارڪ لاهور ۾ موجود آهي ❁ پاڻ جي ئي نسبت

سان لاهور کي مرڪزُ الاوليا ۾ داتانگر بہ چيو ويندو آهي.[1]

کیا غرض دَر دَر پھروں میں بھیک لینے کے لئے
ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دِن
ہو مری اُمّید کا گلشن ہَرا داتا پیا[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولياء جو فيضان ورهائڻ واري تحريڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عرس پاڪ جا ڏهاڙا بہ ويجهو آهن ۽ الحمدلله! فيضان اولياءِ ورهائڻ واري عظيم الشان ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي باقاعده شروعات جو ڏينهن يعني يومِ دعوت اسلامي بہ بلڪل ويجهو آهي، اڄ 31 آگسٽ آهي، 2 سيپٽمبر تي يوم دعوت اسلامي ڌوم ڌام سان ملهائي ويندي يعني 2 ڏينهن کان بعد دعوت اسلامي کي ٿهندي 42 سال مڪمل ٿي ويندا.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪرڻ واري، عشق رسول جا جام ڀري ڀري پيئارڻ واري، محبت قرآن جا چراغ سينن ۾ روشن ڪرڻ واري ۽ الله پاڪ جي فضل سان فيضانِ اولياء ورهائڻ واري تحريڪ آهي.

اللہ کی نعمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
آقا کی عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
رحمٰن کی رحمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
شیطاں کی ہلاکت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
سب نبیوں کی، ولیوں کی، اَصحاب کی اہلِ بیت
کی خاص عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی[1]

---

[1] تفصيل کے لئے دیکھئے: مکتبۃ المدینہ کا رسالہ "فیضانِ داتا علی ہجویری رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ"۔

[2] ... وسائلِ بخشش، صفحہ: 534۔

## دعوت اسلامي تي اولياءِ ڪرام جو ڪرم آهي

دعوت اسلامي اڄ سڄي دنيا ۾ اها ئي تعليم عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪا تعليمات اولياءِ ڪرام سيکاري آهي، اهو ئي ڪردار، اهو ئي انداز، اهو ئي اخلاق، اهو ئي طور طريقو، اهو ئي رنگ ڍنگ جيڪي اولياءِ ڪرام اپنائيندا ۽ هئا، ٻين تائين پهچائيندا ۽ هئا، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوت اسلامي اهو ئي ڪردار اپنائڻ ۽ عاشقانِ رسول کي انهي رنگ ۾ رنگڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

الله پاڪ جو وڏو فضل آهي ته هي اولياءِ ڪرام جيڪي تمام وڏي شان وارا آهن، جن جي عظمت ۽ شان کي ربّ ڪائنات قرآن ڪريم ۾ بيان فرمايو آهي، جن جي برڪتن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حديثن ۾ بيان فرمايو، اهي ئي اولياءِ ڪرام جيڪي الله پاڪ جو قرب رکن ٿا، مصطفيٰ ڪريم جي بارگاھ ۾ مقبوليت ڪان سرفراز آهن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هي اولياءِ ڪرام دعوت اسلامي تي نگاھ ڪرم رکن ٿا. الله پاڪ جي عطا سان عاشقانِ رسول جي خوابن ۾ تشريف آڻي ڪري شفقت ۽ فرمائيندا آهن. حوصلہ اَفزائي ۽ ڪندا آهن ۽ دعوت اسلامي جي متعلق پنهنجي اطمينان جو اظهار ۽ فرمائيندا آهن.

## داتا حضور رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي طرف ڪان مدني قافلي جي خيرخواهي

ڪجھ اسلامي ڀائر جيڪي دعوت اسلاميوارن عاشقانِ رسول سان مدني قافلي جا مسافر هئا، سنتون سکي رهيا هئا، نيڪي جي دعوت عام ڪري رهيا هئا، انهن جو بيان آهي: **اسان جو** مدني قافلو مرڪز الاولياء لاهور داتا دربار واري مسجد جي اندر ٽن ڏينهن لاءِ ترسيل هو. اسان مدني قافلي جي جَدوَل جي مطابق سنّتن جي تربيت حاصل ڪري رهيا هئاسين. حلقي جي دوران هڪ شخص آيو. ان

1... وسائلِ فردوس، صفحہ: 44 ملتقطًا۔

**عاشقانِ رسول** سان تمام گهڻي محبت سان ملاقات ڪئي، پوءِ چوڻ لڳو، اَلحَمدُلله اڄ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ **حضور داتا گنج بخش علي هجويري** رَحمَةُ اللهِ عَلَيه مون گناهگار جي خواب ۾ آيا ۽ ڪجهه هن طرح فرمايائون، **”دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول تن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد** ۾ **ترسيل آهن تنهنڪري توهان انهن جي کاڌي جو انتظام ڪريو.“** تنهنڪري مان مدني قافلي وارن جي خيرخواهيءَ جي لاءِ کاڌو آندو آهي، توهان قبول فرمايو.[1]

| | |
|---|---|
| کیا غرض دَر دَر پھروں میں بھیک لینے کے لئے | ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا |
| جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دِن | ہو مری اُمّید کا گلشن ہَرا داتا پیا[2] |

## ڪرامت حق آهي؟

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي داتا حضور رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي...!! الحمدلله! الله پاڪ جي ڪرم سان، ان جي عطا سان اولياءِ ڪرام ڪي هي طاقت ملندي تہ هُو دنيا مان وڃڻ کان بعد قبرن ۾ زنده رهندا آهن، پنهنجي غلامن کي ڏسندا بہ آهن، الله چاهي تہ ڪرم بہ فرمائيندا آهن. ايئن وصال کان بعد بہ زنده ماڻهن جي خبر هجڻ ۽ انهن جي خيرخواهي فرمائڻ هي اولياءِ ڪرام جي ڪرامت آهي ۽ ڪرامت حق هوندي آهي. داتا حضور رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پاڻ پنهنجي مشهور ڪتاب ڪَشْفُ المَحجُوب شَرِيْف ۾ فرمائن ٿا: اولياءِ ڪرام کان ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن، هي ڳالهہ قرآنِ پاڪ مان بہ ثابت آهي ۽ احاديث مان بہ ثابت آهي. (قرآن ڪريم ۾ ڪيئي ڪرامتون بيان ٿيون آهن: مثلاً حضرت عيسي جي امڙ سائڻ، حضرت مريم رَحمَةُ اللهِ عَلَيها جون ڪرامتون قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيون، حضرت آصف بن برخيا رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جون ڪرامتن جو بيان قرآن مجيد ۾ آهي، ايئن ئي حديثن بلڪ بخاري ۽ مسلم شريف جيڪي حديث پاڪ جا سيني کان

---

[1] گهريلو جهگڙون ڪا علاج،صفحہ:7-8 بتغير قليل ـ

[2] ... وسائلِ بخشش، صفحہ: 534ـ

معتبر ڪتاب آهن، انهن ۾ به ڪرامتن جو بيان موجود آهي تہ) لهٰذا ڪرامتن جو انڪار ڪرڻ اصل ۾ قرآني آيتن ۽ احاديث مصطفيٰ جو انڪار آهي.[1]

## قافلي ۾ هلو! قافلي ۾ هلو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! داتا حضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي مدني قافلي وارن سان ڪهڙي محبت آهي، اوهان ڪهڙي نرالي انداز سان مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول جي خيرخواهي فرمائي. هن مان معلوم ٿيو، مدني قافلن جو مسافر بڻجڻ اولياءِ ڪرام جي نگاهِ ڪرم حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

دیتے ہیں فیض عام، اولیائے کرام
لوٹنے سب چلیں، قافلے میں چلو

اولیا کا کرم، تم پہ ہو لاجرَم
خوب جلوے ملیں، قافلے میں چلو

بے عمل با عمل بن گئے خاص کر
آپ بھی دیکھ لیں، قافلے میں چلو[2]

اوهان کي بہ درخواست آهي، الله ۽ رسول جي رضا ماڻڻ جي لاءِ، نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ، سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ بنائڻ جي لاءِ، عشق رسول، محبت صحابہ و اهل بيت جو چراغ سيني ۾ ٻارڻ جي لاءِ ۽ فيضان اولياء ماڻڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪيو! زندگي ۾ 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ هر مهيني ۾ گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو پنهنجو معمول بڻايو!

## دين جي خادم جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً جيڪو الله پاڪ جي دين جي خدمت ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي مدد فرمائيندو آهي. سيپاري:26، سورت محمد، آيت: 7 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1] كَشْفُ الْمَحْجُوب(مترجم)،صفحہ:333بتغير قليل۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ: 671- 672 ملتقطًا۔

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ۝

(پاره:26، مُحَمَّد:7)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندؤ ته الله توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان کي ثابت قدمي عطا فرمائيندو.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو جيڪو ٻانهو الله جي دين جي خدمت ڪندو آهي. ❁علم دين سکندو آهي. ❁ٻين کي سيکاريندو آهي. ❁نيڪي جي دعوت عام ڪندو آهي. خدمت دين جي خاطر گهربار ڇڏيندو آهي. ❁ پنهنجي ٻارن ٻچن جي جدائي برداشت ڪندو آهي. دور دراز سفر ڪري دين پکيڙيندو آهي. ❁پاڻ به نيڪون ڪندو آهي، ٻين کي به نيڪ بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، الله پاڪ اهڙي ٻانهي جي مدد فرمائيندو آهي، ان کي نيڪ مقصدن ۾ ڪاميابي عطا فرمائيندو آهي، ان تي مشڪل اچي، پريشاني اچي ته ان جي مدد ڪئي ويندي آهي ۽ مفسرين ايستائين لکيو آهي ته جيڪو ٻانهو دين جي خدمت ڪندو آهي، الله پاڪ دنيا ۾ ان کي ايمان تي استقامت عطا فرمائيند آهي ۽ آخرت ۾ ان کي پلصراط تي ثابت قدمي عطا فرمائيندو آهي.[1]

کرم سے "نیکی کی دعوت" کا خوب جذبہ دے
میں پُل صراط بلا خوف پار کر لُوں گا

دُوں دُھوم سُنّتِ محبوب کی مچا یارَبّ!
ترے کرم کا سہارا جو مِل گیا یارَبّ! [2]

## داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پاڪيزه انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! دين جي تبليغ جي خاطر راه خدا ۾ سفر ڪرڻ کي مدني قافلو چوڻ دعوت اسلامي جي پنهنجي اصطلاح آهي، البته! هي ڪم يعني دين جي تبليغ جي لاءِ راه خدا ۾ سفر ڪرڻ اولياءِ ڪرام جي معمولات ۾ شامل

[1] تفسير صراط الجنان،پاره:26،مُحَمّد،زيرِ آيت:7 ،جلد:9،صفحه:298 خلاصةً.
[2] ... وسائل بخشش، صفحه: 77 ملتقطاً.

رھيو آھي. بطور مثال داتا حضور رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي ئي سيرت پاڪ پڙھي ونو! دين سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ جي لاءِ راھ خدا ۾ سفر ڪرڻ داتا حضور رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي معمولات ۾ شامل ھيو، پاڻ ڪيترائي سفر ڪيا، پاڻ عراق، شام، لبنان، آذربائيجان، خُراسان، ترڪستان ۽ ان کان علاوه ڪيئي ملڪن جو سفر ڪيو، ڄاڻيو ٿا ڇو؟ مال ڪمائڻ جي لاءِ نہ، ڪوٺيون، بنگلا ٺاھڻ جي لاءِ نہ بلڪ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ.

۽ ھي سفر اوھان کي خبر آھي ڪڏھن ڪيا ھئائون، ڦوھ جواني ۾، اھائي جواني جنھن کي اڄڪلھ نادان ماڻھو ديواني چون ٿا، جنھن عمر ۾ ماڻھو عشق مجازي جي آفت ۾ مبتلا ٿي ڪري، عيش ۽ عشرت سان دل لڳائي ڪري، آخرت کي ڀلائي ڪري، قبر ۽ حشر کان ڌيان ھٽائي ڪري گناھن جي بازار گرم ڪري رھيا ھوندا آھن، فضوليات ۾ وقت برباد ڪندا آھن، داتا حضور رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ھن عمر ۾ راھِ خدا جا مُسافر ٻڻجي ڪري دين سکندا ۽ ٻين کي سيکاريندا ھئا. پوءِ پاڻ صرف 34 سال جي عمر ۾ غزني کان لاھور جو سفر فرمايائون، ھزارون ڪلو ميٽر جو فاصلو...!! ان وقت ھوائي جھان بہ ھئا، ڪارون، بسون وغيره بہ نہ ھيون، پاڻ پيدل سفر ڪيائون ۽ گھر ٻار ڇڏي ڪري ايترو پري تشريف ڪٺي آيا، ڇو؟ دين جي خدمت جي لاءِ، سنتن جو پيغام عام ڪرڻ، ڀٽڪيلن کي حق جو رستو ڏيکارڻ جي لاءِ.

لھٰذا اسان بہ ھمت ڪيون، اللہ پاڪ زندگي بخشي آھي، ساھ عطا ڪيو آھي، جواني ڏني آھي، ان کي فضوليات ۾، گناھن ڀري ڪمن ۾ وڃائڻ بدران اولياءِ ڪرام جي نقش قدم تي ھلندي، انھن جو فيضان ماڻڻ جي لاءِ مدني قافلي جا مسافر ٻڻجون، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! اولياءِ ڪرام جي فيضان سان دنيا سنورجي ويندي، آخرت ۾ بہ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

دل کی کلیاں کھلیں قافلے میں چلو
رنج و غم بھی مٹیں قافلے میں چلو

دِل کی کالک دُھلے، دردِ عصیاں ٹلے
آؤ سب چل پڑیں، قافلے میں چلو

دُور بیماریاں اور پریشانیاں
ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو

فائدہ آخرت کے بنانے میں ہے
سب مبلغ کہیں قافلے میں چلو[1]

## حق کڏهن به متجندو ناهي!

اي عاشقانِ رسول! دين جي خدمت ڪرڻ، دين جي خاطر قربانيون ڏئي ڪري غير مسلمن جي سازشن کي ناڪام بڻائڻ اهو مبارڪ ديني ڪم آهي جيڪو هر دور ۾ اولياءِ ڪرام انجام ڏيندا آهن، يقيناً هن نيڪ ڪم ۾ حصيدار بڻجڻ اسان جي لاءِ سعادت جي ڳالهه آهي، نه ته هي دين ته اهو آهي جنهن کي ربّ ڪريم غالب فرمايو آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هي دين قيامت تائين باقي رهندو، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَ يَاْبَى اللّٰهُ اِلَّاۤ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَ لَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ﴿۳۲﴾

(پاره:10، التوبہ:32)

ترجموڪنزالعرفان: اهي چاهين ٿا ته پنهنجي واتان الله جو نور وسائن حالانڪ الله پنهنجي نور کي مڪمل ڪرڻ کان سواءِ مڃيندو جيتوڻيڪ ڪافر ناپسند ڪن.

مفسّرين ڪرام هن آيت جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: ڪافر هي چاهيندا هئا ۽ هاڻي به اهو ئي چاهين ٿا ته محبوب خدا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پاڪ روڪي ڇڏين، دين اسلام کي مٽائي ڇڏين پر الله پاڪ ان جو انڪار فرمائي ٿو يعني الله پاڪ ڪافرن جي انهن حرڪتن کان بلڪل راضي ناهي، ڪافرن جي سازشن، انهن جي ڪوشش کان نه پهريان دين ختم ٿيو، نه آينده

[1]... وسائل بخشش، صفحہ: 676-677 ملتقطًا۔

ختم ٿيندو، اسلام جي شان و شوڪت ۾ نہ پهريان ڪمي آئي، نہ آئنده ايندي، الله پاڪ جي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پهريان بہ بلند هيو، هاڻي بہ بلند آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين بلند رهندو، هن ۾ ڪمي نہ ايندي بلڪ اضافو ئي ٿيندو ويندو.[1]

مٹ گئے، مٹتے ہیں، مٹ جائیں گے اَعدا تیرے
نہ مٹا ہے، نہ مٹے گا کبھی چرچا تیرا
تُو گھٹائے سے کسی کے نہ گھٹا ہے نہ گھٹے
جب بڑھائے تجھے اللہ تَعَالٰی تیرا[(2)]
وُہی دُھوم اُن کی ہے مَا شَآءَ اللہ!
مِٹ گئے آپ مٹانے والے[(3)]

## ڦوڪن سان هي چراغ وسائي نٿو سگهجي

پيارا اسلامي ڀائرو! مُفسرين ڪرام هن آيت سڳوري جي حوالي سان هڪ نهايت ايمان اَفروز ڳالهہ هي بہ لکي آهي تہ ڪافر هميشہ کان هاڻ تائين دينِ اسلامي کي مٽائڻ جي لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪندا آيا آهن، مال دولت خرچ ڪندا آهن، پنهنجي افرادي طاقت جو استعمال ڪندا آهن، اڄوڪي دور ۾ تہ ٽيڪنالوجي بہ استعمال ڪئي پئي وڃي، مطلب، ڪافر دين کي مٽائڻ جي لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا آهن پر الله پاڪ انهن جي تمام ڪوشش کي صرف ڦوڪون فرمايو آهي، يعني هي ڪافر جيتري بہ ڪوشش ڪن، سازشون ڪن، اسلام جي مقابلي ۾ انهن جي حيثيت صرف ڦوڪن جهڙي آهي، جهڙي طرح سج کي ڦوڪون ڏئي وسائي نٿو سگهجي، اهڙي طرح ڪافرن جي ڪوششن سان دين ڪڏهن متجي نٿو سگهي.[4]

---

1

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ: 29۔

[3]... حدائقِ بخشش، صفحہ: 161۔

[4] تفسير نعيمى،پاره:10،التوبہ،زيرِ آيت:32،جلد:10، صفحہ:273 خلاصۃً۔

نُورِ خُدا ہے کفر کی حرکت پہ خندہ زَن | پھونکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائے گا

## اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جي مضبوطي جو راز

هڪ غير مسلم ڪافرن جي ناڪامين تي هڪ ڀيرو تبصرو ڪيو، اهو چئي ٿو: اسان ڏاڍيون ڪوششون ڪيون، سالن جا سال محنتون ڪيون، لڪين مسلمان شهيد به ڪيا، ڪيئي سلطنتن جا تختا اونڌا ڪيا، رت جون نديون وهائي ڇڏيوسين، ان جي باوجود اسلامي تهذيب، اسلامي ثقافت ۽ اسلامي فڪر ۽ نظريي کي دنيا مان ختم نه ڪري سگهياسين، ان جو سبب اهو آهي ته جڏهن به اسان اسلام جي خلاف سازشون رٿيون ٿا، اسلام کي جڙ کان متاثڙ جو پڪو پهه ڪيون ٿا، ته هر ڀيري ڪونه ڪو صوفي باصفا ڪامل ولي دين جي خدمت جي لاءِ اٿي ٿو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اسان جي سالن جي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏي ٿو.

اللهُ اکبر! سچ اهو جنهن جي گواهي دشمن ڏي، هي واقعي هڪ تاريخي حقيقت آهي. ڪافر سالها سال ڪوششون ڪندا آهن، اسلام خلاف سازشون ڪندا آهن پر جڏهن هي سمجهندا آهن ته هاڻي اسان ڪامياب جي گهٽو ويجهو آهيون، انهي وقت غلامانِ مصطفيٰ مان ڪو مرد قلندر اٿندو آهي ۽ ڪافرن جي سالها سال جون ڪوششون ناڪام بڻائي ڇڏيندو آهي. اهو وقت جڏهن بغداد جي سلطنت دم ٽوڙي رهي هئي، ڪافرن جي سازشن سان مسلمان وڪرجي رهيا هئا، ملت اسلاميه جو انتظام بگڙجڻ ئي وارو هيو، انهي وقت سرڪارِ بغداد، حضُر غوث شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تشريف ڪٺي آيا، پاڻ مسلمانن کي وري متحد ڪيو، سندن ايمان اَفروز بيانن ۽ نيڪي جي دعوت مسلمانن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اسلامي روح ڦوڪيو. هند ۾ هر طرف ڪفر ئي ڪفر هي، حضرت خواجه غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تشريف ڪٺي آيا، پاڻ ڪروڙين مسلمانن جي اصلاح فرمائي، لڪين لک غير مسلمن کي ڪلمو پڙهائي ڪري مسلمان ڪيو

۽ غِرمسلمن جو سيئي ڪوششون ناڪام ڪري ڇڏيون. پنجاب جي زمين تي جڏهن اسلام کي خطرو لاحق ٿيو، داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه اسلام جو پرچم بلند ڪيو. ماضي قريب ۾ جڏهن برصغير تي ڪافرن جي حڪومت آئي، مسلمان غلامي جي زنجيرن جڪڙجي ويا، اسلام جي خلاف هزارين سازشون رچايون ويون پر الله جو ڪرم ٿيو، بريلوي جا تاجدار، امام احمدرضاخان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه دنيا ۾ جلوه افروز ٿيا، سندن ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ چارون طرف اٿندڙ فتنن جي اڳيان بند ٻڌائين ۽ غير مسلم جي هر سازش کي ناڪام بڻايو. انهي طرح هر دور ۾ ايئن ٿيو، غير مسلم سالن جا سال ناڪام ڪوششون ڪندا رهيا.

## دعوت اسلامي ۽ اولياءِ ڪرام جي نقش سيرت

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو ئي ڪم جيڪو پوئين صدين ۾ اولياءِ ڪرام ڪيو، اڄ اهو ئي ڪم دعوت اسلامي ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي. اڄ جي پُرفتن دور ۾ به اسلام کي سخت ترين خطرات لاحق آهن، هاڻي ڪافر سمجهي چڪا آهن ته اسلام کي تلوار سان مٽائي نٿو سگهجي، هاڻي انهن هڪ نئين سازش رٿي ته

يہ فاقہ کش کہ موت سے ڈرتا نہیں ذرا | رُوحِ مُحَمَّد اس کے بدن سے نکال دو

يعني مسلمان موت قطعي طور نٿو ڊڄي، ان کي مٽائڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، اهو هيءُ ته سندن دلين مان ايمان، عشق رسول جي دولت ڪڍي ڇڏيو، جڏهن دلين مان ايمان ۽ عشق رسول نڪري ويندن، ته پوءِ ڪهڙي ڪم جا رهندا، صرف نالي جا مسلمان رهجي ويندا.

هن مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ سامراجي طاقتن مختلف ذريعا اختيار ڪيا.

جديد ٽيڪنالوجي جو استعمال. فيشن/ ماڊرن ازم کي عام ڪيو. فلمن ڊرامن کي عام ڪيو ويو. اسلامي تهذيب کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ طرح طرح جون ڪوششون ڪيو ويون. جنهن جي نتيجي ۾ گناهن جي يلغار ۽ فيشن جو طوفان مسلمانن جي اڪثريت کي پنهنجي وڪڙ ۾ آندو. بي علمي ڦهلجڻ لڳي. مسلمان علم دين کان پري ٿيڻ لڳا. مسجدون ويران ۽ گناهن جا اڏا آباد ٿيڻ لڳا. لادينيت ۽ بدمذهبي جو سيلام اٿلڻ لڳو. مسلمان موسيقي. شراب ۽ جواب وغيرا جا عادي

اهڙي نازڪ حالات ۾ الله پاڪ هڪ ڪامل ولي کي ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ منتخب فرمايو، هن ولي کي اڄ دنيا دنيا شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي جي نالي سان سڃاڻي ٿي.

مسلک کاتُو امام ہے الیاس قادری
تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری

تنہا چلا تُو ساتھ ترے ہو گیا جہاں
میٹھا ترا کلام ہے الیاس قادری

فکرِ رضا کو کر دیا عالم میں آشکار
یہ تیرا اونچا کام ہے الیاس قادری

ہے دعوتِ اسلامی کی دُنیا میں دُھوم دَھام
مقبول تیرا کام ہے الیاس قادری[1]

شيخ طريقت امير اهل سنت سيپٽمبر 1981 ۾ دعوت اسلامي جو آغاز فرمايو. پاڻ هي مدني مقصد اپنايو تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** پوءِ هن مدني مقصد کي ڪٺي پاڻ نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات، مسلسل ڪوشش ڪندا هلندا وياء ايستائين جو الله پاڪ جي ڪرم ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان، اولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوت اسلامي جو ديني پيغام سڄي دنيا ۾ عام ٿي ويو.

الحمدلله! امير اهل سنت جي مسلسل ڪوششن سان. ❁ جيڪي بي نمازي هئا

[1]... مناقبِ عطار، صفحہ: 11-12 ملتقطًا۔

نمازي بڻيا بلڪ مسجد جا امام بڻجي ويا. ❁ بدنگاهي ڪرڻ وارا حيادار بڻيا. ❁ والدين کي ستائڻ وارا باأدب بڻجي ويا.❁ چور ۽ ڌاڙيل آيا، توبہ تائب ٿي، چوري، ڌاڙو ڇڏي ڪري معاشري جا شريف انسان بڻجي ويا. ❁ حسد جي باھ ۾ سڙڻ وارا شڪر گذار ۽ خير خواھ ٿي ويا. ❁ فلمن ۽ گانن جا شُوقين نعت مصطفيٰ پڙهڻ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا. ❁ گندگي ۽ گناهن جا ديونا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جا اَسير بڻجي ويا. مال ۽ دولت پنيان ڀڄڻ وارا رضاءِ الٰهي جا طلب گار ٿي ويا. ❁ شرابي آيا، توبہ ڪري پاڪيزه انسان بڻيا. ❁ غافل آيا، عبادت گذار بڻجي ويا. ❁ ڀٽڪيلن کي سڌي راھ ملي وئي. ❁ هزارين ڪافرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي. ❁ ايئن هڪ هڪ ٻہ ٻہ ايندا ويا، نيڪي جي دعوت جي هن سفر ۾ سندن اخلاص، اعلي اخلاق، انفرادي ڪوشش سان عاشقانِ رسول سان ملندا ويا، ڪاروان ٺهندو ويو ۽ الحمدلله! نيڪي جي دعوت جو هي ديني پيغام سڄي دنيا ۾ پهچي ويو.

اے امیرِ اہلسنت تیری شوکت زندہ باد
تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اشاعت زندہ باد

تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سعید
نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد

گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب
عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سُنَّت زندہ باد[1]

## ڪم بہ اهوئي، انداز بہ اهوئي

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي ڪم بہ اهو ئي ڪري رهي آهي جيڪو اولياءِ ڪرام ڪم آهي ۽ الحمدلله! دعوت اسلامي جو انداز بہ اهو ئي آهي جيڪو اولياءِ ڪرام اپنايو هيو. اوهان اولياءِ ڪرام جي سيرتن کي پڙهو، انهن جي ديني خدمتن کي پڙهو، انهن جي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي انداز

[1]... مناقب عطار، صفحہ: 15-16 ملتقطاً۔

ڪي پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اوهان ڪي دعوت اسلامي جو هرهر انداز اولياءِ ڪرام جي مبارڪ انداز جي چمڪندڙ تصوير نظر ايندي.

هتي صرف غوثِ پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي ديني خدمتن جو انداز اوهان جي سامهون رکان ٿو، ان جي تناظر ۾ دعوت اسلامي جو انداز ڏسو!

## غوثِ اعظم عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو خدمتِ دين جو انداز

حضور غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله عَلَيْه پيرن جا پير آهن، ولين جا ولي آهن، سندن هڪ لقب مُحيُّ الدّين (يعني دين کي زنده ڪرڻ وارو به آهي. حضور غوث پاڪ جيڪا دين جي خدمت ڪئي، جنهن وڏي پيماني تي خدمت ڪئي، اسان ان جي قريب نہ ٿا پڄي سگهون، حق تہ هي آهي تہ اڄ جيڪڏهن عاشقانِ رسول دنيا ۾ دين جو ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن تہ هي بہ غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو ئي فيضان آهي.

اسان جي پير غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله عَلَيْه وڏي پيماني تي دين جو ڪم ڪيو، لکين ماڻهن جي اصلاح فرمائي، هزارين غير مسلمن کي ڪلمو پڙهايو، جيڪڏهن اسان سندن ديني خدمتن کي غور سان پڙهون تہ خبر پوندي تہ پاڻ دين جو ڪم ڪرڻ جي لاءِ 3 اهم انداز اختيار ڪيا هئا:

### (1) مدرسو تعمير فرمائڻ

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيْه مدرسو تعمير فرمايو، پاڻ 51 سال جي عمر مبارڪ ۾ باقاعده نيڪي جي دعوت جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان جي 4 سال بعد سن 528 هجري ۾ پاڻ مدرسو تعمير فرمايو، جتي پاڻ قرآن، حديث، علمِ تفسير، اصول

تفسير، تصَوُّف ۽ فقہ وغيره ديني علوم پڑھائيندا هئا.[1]

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوت اسلامي فيضان غوثِ پاڪ آهي، غوث پاڪ جي فيضان سان دعوت اسلامي بہ مدرسا بڻايا، اللّٰه پاڪ جي ڪرم سان ملڪ ۽ بيروني ملڪ ۾ 1378 جامعات قائم ڪيا آهن، جتي قرآنِ پاڪ، حديث شريف، علم تفسير، اصول تفسير، اصول حديث، تصوف ۽ فقہ وغيره ديني علوم جي تعليم ڏني ويندي آهي. انهي طرح ملڪ ۽ بيروني ملڪ ۾ 14،290 مدرسة المدينہ بہ قائم آهن، جتي ٻارن ۽ ٻارڙن کي قرآن ڪريم حفظ و ناظره جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي، ايئن سيکارڻ جي لاءِ دارالمدينہ انرنيشنل اسلامڪ اسڪول سسٽم بہ قائم آهي، فيضان آن لائن اڪيڊمي بہ قائم آهي جنهن جي ذريعي آن لائن ڪورس ڪرايا ويندا آهن، درس نظامي(عالم ۽ عالمہ ڪورس) بہ ڪرايا ويندا آهن. ان سان گڏوگڏ دعوت اسلامي جز وقتي مدرسا بہ لڳائيندي آهي، جيئن مدرسة المدينہ بالغان، جنهن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائرن کي قرآن ڪريم درست تجويد ۽ قرات سان پڙهايو ويندو آهي، وضو، غسل ۽ نماز وغيره جا ضروري مسئلا سيکاريا ويندا آهن.

الحمدللّٰہ! ايئن مدرسا ٺائي ڪري باقاعده ديني تعليم عام ڪرڻ اهو پيارو انداز آهي جيڪو اڄ کان صديون پهريان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ اختيار ڪيو هيو، بلڪ پاڻ نبين جي سردار، مڪي مدني تاجدارسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مسجد نبوي شريف ۾ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ديني تعليم پڑھائيندا هئا، اسلام جي تاريخ ۾ سيني کان پهرين اسلامڪ يونيورسٽي جتي تمام ديني ۽ دنياوي علوم سيکاريا ويندا هئا، اهو صُفّہ جو مبارڪ چبوترو آهي، جيڪو مسجد نبوي شريف ۾ موجود هيو ۽ ان جي بنياد نبين جي سردار، مڪي مدني

[1] قُطب بغداد سيدنا عبد القادر الكيلانی،مدرسۃ الشيخ عبد القادر الكيلانی،صفحہ:25 خلاصۃً۔

تاجدارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رکي هئي.

الحمدلله! دعوت اسلامي انهي انداز کي اپنائيندي سڄي دنيا ۾ ديني تعليمات کي عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

## (2)ديني اجتماع

دين جو ڪم ڪرڻ جي لاءِ ٻيو ديني ڪم جيڪو حضور غوثِ پاڪ اختيار ڪيو، اهي ديني اجتماع آهن. غوث پاڪ هفتي ۾ 3 ڀيرا بيان فرمائيندا هئا، (1) جمعي جي ڏينهن (2) آچر جي ڏينهن (3) اڱاري جي ڏينهن.[1]

## غوث پاڪ جي بيان جا نرالا شان

❁ابراهيم بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عالمن وارو لباس پهريندا ۽ بلند جڳهه (مثال طور منبر وغيره تي) ويهي ڪري بيان فرمائيندا هئا .[2] ❁حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شروع ۾ مون وٽ ٻه يا ٽي ماڻهو ويهندا هئا، پوءِ آهسته آهسته ماڻهن جو ميڙ ٿيڻ لڳو، ماڻهو پَري پَري کان گهوڙن، خچرن ۽ اُٺن وغيره تي سوار ٿي ڪري بيان ٻڌڻ جي لاءِ ايندا هئا، اُن وقت تقريباً 70 هزار جو اجتماع ٿيندو هو(بعد ۾ ان اجتماع جو تعداد اجان وڌيڪ ٿي ويو هو).[3] ❁ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شهزاده حضرت عبدُالوهاب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غوثِ پاڪ جي محفل ۾ وڏا وڏا عالِم سڳورا ۽ مشائخ حاضر ٿيندا هئا ❁ ان ۾ 400 وڏا وڏا عالم سڳورا ته اهي هئا جيڪي باقاعده ڪاغذ، قلم کڻي سندس فرمانَ ۽ ارشادَ لکندا هئا.[4] ❁ شيخ عمر ڪيماني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

---

[1] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ،ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:184ملتقطًا۔
[2] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ،ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:189ملتقطًا۔
[3] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ، ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:177ملتقطًا۔
[4] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ، ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:184ملتقطًا۔

ڪڏھن ايئن نہ ٿيو جو پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ بيان فرمايو ھجي ۽ محفل ۾ ڪنھن توبھ نہ ڪئي ھجي.

سندن بيان ٻڌي ڪري لازمي طور ڪو نہ ڪو شخص توبھ ڪندو غير مسلم ڪلمو پڙھي مسلمان ٿي ويندا ھئا.[1]

❁غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ پاڻ فرمائن ٿا: منھنجي ھٿ تي 5 ھزار ڪان وڌيڪ غير مُسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ لکَ ڪان وڌيڪ گنھگارن توبھ ڪئي[2]

بیاں سُن کے توبہ گنہگار کر لیں | زباں میں وہ دیدو اَثَر غوثِ اعظم! (3)

## دعوت اسلامي ۽ ديني اجتماع

اي عاشقانِ اولياءِ! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ جي فيضان سان دعوت اسلامي بہ ديني اجتماعن جي ذريعي دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف عمل آھي، دعوت اسلامي جو سيني ڪان پھريون ڪم جتان دعوت اسلامي جي شروعات ٿي اھو ھفتيوار اجتماع آھي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ھن وقت دنيا ڀر ۾ 1697 مقامن تي ھفتيوار اجتماع ٿين ٿا، جن ۾ تلاوت ٿيندي آھي، نعت شريف پڙھي ويندي آھي، سنتن ڀريو بيان ٿيندو آھي، ذڪراللّٰہ ڪيو ويندو آھي، رقّت انگيز دعا ٿيندي آھي، سکڻ سيکارڻ جا حلقا لڳندا آھن، جن ۾ فرض علوم دين سيکاريا ويندا آھن.

ان ڪان علاوه وڏين راتين جا مثلاً شبّ براءت، شب معراج وغيره جا اجتماع بہ ٿيندا آھن. اللّٰہ پاڪ جو ڪرم آھي تہ دعوت اسلامي جي انھن اجتماعن تي

---

[1] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ،ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:184۔
[2] بَهْجَةُ الْاَسْرَار ،ذکر وعظہ رضی اللہ عنہ ،صفحہ:184ملتقطًا۔
[3]… وسائلِ بخشش، صفحہ: 558۔

اولياءِ ڪرام جو وڏو فيضان آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! ڪيئي پيرا اولياءِ ڪرام ڪرم فرمائيندا آهن، دعوت اسلامي انهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي خواب ۾ تشريف آڻي ڪري حوصله افزائي به فرمائيندا آهن.

## غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا

باب المدينہ (ڪراچي سنڌ) جو واقعو آهي، هڪ پيري وڏي يارهين شريف جي سلسلي ۾ اجتماع ذڪر و نعت جاري هيو، هن اجتماع ۾ شريڪ هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي: بيان ڪان بعد جڏهن سلسلہ قادريہ رضويہ ۾ بيعت جو سلسلو شروع ٿيو، انهي دوران ويني ويني مونکي ننڊ اچي وئي، اکيون ڇا بند ٿيون، دل جون اکيون کُلي ويون، ڇا ٿو ڏسا تہ يارهين وارا پير، غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جلوه فرمان آهن. پاڻ چادر ڦهلائي رکي آهي، مون وڏي ڪري چادر ڪي پڪڙيو.

خواب ڏسڻ واري اسلامي ڀاءُ جي گهر واري اُميد سان هئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو چيو هيو، ان اسلامي ڀاءُ غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ عرض ڪيو، اوهان هن جو حل ٻڌايو ۽ ڳڏوگڏ فرمايو: اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بغير آپريشن جي 2 جڙوا ٻارن جي ولادت ٿيندي، هڪ جو نالو حسّان ۽ ٻئي جو نالو مشتاق رکجان، ٻنهي جي گردن تي منهنجو قدم هوندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! ايئن ئي ٿيو، ان اسلام ڀاءُ جي گهر ۾ بغير آپريشن جي 2 جڙوا ٻار پيدا ٿيا.

يہ دل يہ جگر ہے يہ آنکھیں یہ سر ہے | جہاں چاہو رکھو قدم غوثِ اعظم (1)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! هي غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو ڪردار آهي، اولياءِ ڪرام جو فيضان آهي جو الله پاڪ جي فضل سان دعوت اسلامي جا ديني ڪم ۽ اجتماع وغيره

[1]... سامانِ بخشش، صفحہ: 126۔

اولياءِ ڪرام ۾ مقبول آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ڪرم آهي، اولياءِ ڪرام جو فيضان آهي جو الله پاڪ جي فضل سان دعوت اسلامي جي ديني ڪم ۽ اجتماع وغيره اولياءِ ڪرام جي بارگاهه ۾ مقبول آهن.

فيضانِ رضا ہے اور یہ غوث کا فیضاں ہے
خواجہ کی حمایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
عشاقِ مُحمّد کی ٹھنڈک ہے یہ آنکھوں کی
ہر دل میں سَرایت ہے یہ دعوتِ اسلامی
آجاؤ گنہگارو! بدکارو! سیہ کارو!
بے شک رہِ جنّت ہے، یہ دعوتِ اسلامی (1)

## (3) ماڻهن جي خيرخواهي ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! تيون ديني ڪم جيڪو حضور پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اپنايو ۽ ان انداز سان پاڻ دين جي خُوب خدمت ڪئي، اها اُمَّت مسلمه جي خيرخواهي آهي.
الحمدلله! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ بہ همدردي ڪرڻ وارا، نهايت شفيق ۽ مهربان هئا. پاڻ غريبن جي مدد فرمائيندا، ڏکايل دلين کي سهارو ڏيندا، غمگينن جي حوصله افزائي ڪندا هئا. هڪ ڏينهن بيان جي دوران پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: پاڪ آهي اها ذات جنهن منهنجي دل ۾ مخلوق جي خيرخواهي جو جذبو وِڌو ۽ **مخلوق جي خيرخواهي ڪرڻ منهنجي زندگي جو وڏيڪ مقصد بڻايو.**[2]

## سوشل ويلفيئر ۽ دعوت اسلامي

الحمدلله! دعوت اسلامي بہ سوشل ويلفيئر جو ڪم ڪندي آهي. عاشقانِ رسول

[1] ... وسائل فردوس، صفحه: 45-46 ملتقطًا.
[2] .الفتح الرباني، المجلس السادس، صفحه:41.

جي ديني تحريڪ ماڻهن کي دين جون ڳالهيون ٻڌائي ڪري، روزي، حج ۽ زڪوٰة جا احڪام سيکاري ڪري، سنتن جو پيڪر بڻائي ڪري، نيڪي جي دعوت ڏئي ڪري، نيڪ نمازي بڻائي ڪري ته همدردي ڪري رهي آهي. ان سان گڏوگڏ دعوت اسلامي جو هڪ ڊيپارٽمنٽ FGRF به آهي. هن ڊيپارٽمنٽ جو بنيادي مقصد ئي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏکاري امت سان همدردي ڪرڻ، غمخواري ڪرڻ، ڪو اوچتو اچڻ واري مصيبت مثلاً خدانخواسته زلزلو اچي وڃي، ٻوڏ اچي وڃي ته فوراً امدادي ڪاروائين ۾ حصو وٺڻ.

اي عاشقانِ غوث اعظم! اوهان کي ڄاڻي خوشي ٿيندي ته الحمدلله! دعوت اسلامي جي ڊيپارٽمنٽ ***FGRF*** جي تحت ❁ هاڻ تائين تقريباً 2 ارب کان وڌيڪ جون شيون ۽ رقم خرچ ڪري چڪي آهي. ٻوڏ وارن علائقن مان پاڻي ڪڍڻ جي ڪم تي تقريباً 5 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم خرچ ٿي چڪي آهي. ٻوڏ متاثرن کي هزارين خيما ڏنا ويا. 4 مهينن تائين مختلف مقامن تي موجود هزارين افراد جي لاءِ 3 وقت جي کاڌي جو انتظام ڪيو ويو. 2929 کان وڌيڪ گهرن ۽ سيڪڙو مسجدن جي ٻيهر تعمير جو سلسلو شروع ٿيو. تقريباً 257 فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳايا ويا. ۽ ٻيون فلاحي خدمتون به آهن ❁ ڪورنگي ابراهيم حيدري(ڪراچي) ۾ غريبن ❁ ۽ سُرجاني ٽائون(ڪراچي) ۾ بارش سان متاثر ٿيل تقريباً 350 گهرن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو. ❁ 20 نيو مسلم گهراڻن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو. ❁ ملڪ ۾ هن وقت تائين تقريباً 992 کان وڌيڪ کوهه سولر پليٽ لڳايا ويا آهن. ❁ ٿيليسيميا ۽ ٻين بيمارين ۾ مبتلا افراد جي مدد جي لاءِ هاڻي تائين تقريباً 48 هزار 60 رت جون بوتلون (***Blood Bags***) مختلف ادارن کي فراهم ڪيون ويون آهن. جزوي معذُور ٻارن جي بحالي جي لاءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ***Faizan Rehabilitation Center*** (***F.R.C***) جو قيام ٿي چڪو آهي،

جنهن ۾ تقريباً 2000 کان وڏيڪ رجسٽريشن ٿي چڪي آهي.

اهڙي طرح دعوت اسلامي جو هڪ شعبو روحاني علاج به آهي. الحمدللّٰه هن وقت سڄي دنيا ۾ (7لک 69 هزار 168) مقامن تر روحاني علاج جو بستو لڳي ٿو. هن شعبي جي تحت، ڏکاري امت، پريشان حال، تنگ دست، بيمار افراد جي لاءِ في سبيل الله روحاني علاج ڪيو ويندو آهي. اوهان به دعوت اسلامي سان وابسته ٿي وڃو، اُمت جي خيرخواهي جي، همدردي ۽ رحمدلي جي هن ديني ڪم ۾ دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو. الله پاڪ سيني کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ہو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا — درد مندوں سے، ضعیفوں سے محبت کرنا
دُور دُنیا کا مرے دم سے اندھیرا ہو جائے — ہر جگہ میرے چمکنے سے اجالا ہو جائے
میرے اللہ! برائی سے بچانا مجھ کو — نیک جو راہ ہو اس راہ پہ چلانا مجھ کو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل جي ڪٽ دور ڪرڻ، گناهن کان توبهه ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته (Linkup) ٿي وڃو. 12 ديني ڪمن ۾ وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم علاقائي دورو به آهي. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو

پاڪستان پنجاب جي صوبي جي هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي جو بيان آهي، هڪ ڏينهن اسان وٽ ڪراچي کان مدني قافلو تشريف کڻي آيو، مدني قافلي وارن سان ملي ڪري مون کي بہ علاقائي دوري ۾ شرڪت جو شرف مليو، اسان هڪ درزيءَ جي دڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نوجوان چيو: مان غير مسلم آهيان. توهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دل تي گهرو اَثر (Effect) ڪيو آهي، مهرباني فرمائي ڪري مون کي اسلام ۾ داخل ڪري وٺو. پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اهو ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.

مقبول جہاں بھر میں، ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے رَبِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تجهيز ۽ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! هاڻوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (Smartphone) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: Muslim's Funeral هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مَيّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي باري ۾ اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهہ هي آهي تہ مَيّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي

طريقي جي لاءِ Animated Videos به شامل آهن.




صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## گھٽ ڳالهائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ : (1): ماڻهو جو خاموشيءَ تي قائم رهڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي.[2]

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175
[2] شُعْبُ الْاِيْمَان، باب: حفظ اللسان، جلد:4، صفحه:245، حديث:4953۔

اي عاشقانِ رسول! گهٽ ڳالهائڻ سنّت مصطفٰي آهي ۞ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جا پيارا آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ طويل خاموشيءَ وارا هئا.[1]

۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت ماڻهن سان ڪلام نہ فرمائيندا هئا، هند بن ابو هالہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو بيان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت گفتگو نہ فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ٿي رهندا هئا.[2] خاموشيءَ مان مراد آهي: دنياوي ڪلام کان خاموشي نہ تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ الله پاڪ جي ذڪر سان تَرُ رهندي هئي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ خاموشي حڪمت آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عقل ڪامل ٿيندو آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ عبادت جي ڪنجي آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عبادت جي لذّت نصيب ٿيندي آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عزّت، وقار، علم ۾ اضافوٿيندو آهي ۞ جيڪو بنا ضرورت ڳالهائڻ کان بچي، اهو شيطان تي غالب رهندو آهي.

الله پاڪ اسان کي بہ گهٽ ڳالهائڻ، صرف ضرورت جي ڳالھ واتان ڪڍڻ ۽ فضول ڳالهائڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یاربّ نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ[4]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو

[1] شرح مائل ترمذی، کیف کان کلام رسول اللہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:353، حدیث:225۔ السنہ للبغوی، جلد:7، صفحہ:450، حدیث:3695۔
[2] شمائل ترمذی، صفحہ:353، حدیث:225۔
[3] مرآۃ المناجیح، جلد:8، صفحہ:81۔
[4] … وسائلِ بخشش، صفحہ:93۔

550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو،

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [4]

---

[1] افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

[2]... القول البدیع، الباب الثانی، ص277

[3]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[4]... القول البدیع، الباب الاول، ص4125

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455